# خشونت سنگھ

منهنجي زندگيءَ ۾ آيل

# عورتون ۽ مرد

سنڌيڪار: رفيه ملاح



S.P.H

خشونت سنگھ

# منهنجي زندگيءَ ۾ آيل عورتون ۽ مرد

ترجمو: رفيع ملاح

نئون نياپو اڪيڊمي
٢٤ - ٣ ماڙ، رحمان ڪورٽ،
تبت سينٽر ڪراسنگ،
ايم. اي. جناح روڊ ڪراچي.

خشونت سنگهه

منهنجي زندگيءَ ۾ آيل: عورتون ۽ مرد

ترجمو: رفيق ملاح

چاپو پهريون: ڊسمبر 2000ع
پرنٽر: ڊيسنٽ پرنٽنگ پريس پاڪستاني چوڪ، ڪراچي
ڪمپوزنگ: زينت ڪمپوزرس 4/24، رحمان ڪورٽ،
ايم. اي. جناح روڊ ڪراچي.

قيمت: 70 رپيا

هول سيل ايجنٽ

نئون نياپو ڪتاب گهر
لڳ گهنٽي ڦاٽڪ
لاڙڪاڻو سنڌ

**Women and Men in my Life**

BY: KHUSHWANT SINGH

EDITION: FIRST: DECEMBER 2000
PUBLISHED BY: *NAON NIAPO ACADEMY KARACHI*

*Rs: 70.00*

# ترتيب


پبلشر جو نوٽ: انعام عباسي -4

خشونت سنگهه ڪير آهي؟ سنتيڪار جو نوٽ رفيق ملاح -5


## حصو پهريون: عورتون


1. ديوياڻي چوپال -8
2. سعديا دهلوي -12
3. اندراڻي آئڪٽ گلستان -15
4. غيورالنساء حفيظ -20
5. ايس جنگ -23
6. ڏرما ڪمار -26
7. نرملا مٿن -30
8. ڪامنا پرساد -35
9. پريا سبرامينيم -40
10. امرتال شير گل -45
11. ريتا ديوي ورما -50
12. هڪ پنو چوڪري -54


## حصو ٻيو: مرد


1. چيتن آنند -56
2. رميش چندر -59
3. بلونت گارگي -62
4. اندرسين جوهر -67
5. گوپال داس کوسلا -71
6. پريم ڪرپال -75
7. پرتاب لال -80
8. اي جي نوراني -83
9. رجني پٽيل -87
10. منظور قادر -91
11. پارت رام -93
12. ڪرشن شنگلو -98
13. چرن جيت سنگهه -100
14. اين اقبال سنگهه -104
15. ستيندر سنگهه -108

## پبلشر جو نوٽ

خشونت سنگهہ جو ڪتاب "Women and Men in my Life" حاضر آهي. هي همراهہ بہ خليل جبران ۽ ڪرشن چندر وانگر سنڌي ادب دوستن لاءِ تعارف جو محتاج ناهي، توڙي جو مٽين بن ليکڪن جيان هن جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ناهن آيا. پر ادبي ۽ سياسي لڪٿين ۾ هو مٿين ليکڪن کان گهڻو وڌيڪ موجود رهندو آيو آهي، هي ڪتاب بہ جهڙوڪر سندس ان حوالياتي سڃاڻپ کي بنياد بڻائي پبلش ڪجي ٿو. ان اميد سان تہ ضرور پڙهندڙ سندس هن بهترين ڪتاب جي بہ دل جي گهرائين سان آجيان ڪندا. ڪتاب اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ اسان جو ڪم، جيڪو اسان ڪري بہ ڏيکاريو.

مانواري رفيہ ملاح Credit ۽ هن ڪتاب جو سچو ڏي وڃي ٿو، جنهن ڏاڍي پيار مان هي ڪتاب ترجمو ڪيو ۽ پوءِ هڪ وڏو انتظار پڻ برداشت ڪيو ڪتاب جي ڇپجڻ جو. ان لاءِ ادارو سندس ٿورائتو آهي ۽ وڌيڪ اميد رکي ٿو تہ هوءَ ضرور اڄا بہ ٻيا بهترين ڪتاب ترجمو ڪري سنڌي ادب کي مالا مال ڪندي رهندي.

باقي اوهان جي راءِ جو انتظار رهندو.

انعام عباسي
چيئرمين
نئون نياپو اڪيڊمي

### سنڌيڪار جو نوٽ

# خشونت سنگهہ ڪير آهي؟

هندستان جو مشهور ليکڪ، صحافي، تاريخ نويس ۽ ناول نگار خشونت سنگهہ پنهنجي ئي چوڻ مطابق وات ڦاٽوڙو ۽ هلڪڙي طبيعت وارو، ڪرو لکڻ ڪري سڀ کان وڌيڪ پڙهيو ۽ پسند ڪيو ويندڙ صحافي ۽ ليکڪ آهي. هونءَ بہ ڏاڙون ۽ هلڪڙائپ اديبن ۽ صحافين ڪِنَ سڀ کان وڌيڪ لڳندڙ مرض آهي، پر هي همراهہ تہ وري ان ڪري بہ ٻين کان سرس آهي جو سکن سردارن واري فطري زندهہ دلي ۽ خوش مزاجي، ٽوڪبازي ۽ چرچي ۾ ڪنهن بہ لنڍي وڏي ماڻهوءَ جو هڪ ئي ڌڪ ۾ نڪ لاهي تري تي رکي سگهي ٿو.

خشونت سنگهہ پاڪستاني شهر هڏالي ۾ پيدا ٿيو. هاڻي هو لڳ ڀڳ ستاسي سالن جو آهي. جڏهن تہ ڪيس بہ پنهنجي پيدائش واري تاريخ بابت ڪا خاص پڪ ناهي پر پوءِ بہ سندس ئي چوڻ مطابق تہ هو گهٽي اسڪاچ پيئڻ ڪري عمر کان وڌيڪ پوڙهو ۽ ٽلهو لڳندو آهي.

خشونت سنگهہ جو خاندان خدا کان چوري ساهہ کڻڻ وارو ڏاڍو مذهبي خاندان آهي. خشونت سنگهہ پنهنجي خاندان ۾ واحد پڙهيل لکيل شخص آهي ۽ ان لاءِ هو پنهنجي باري ۾ چوي ٿو: ”خاندان ۾ صرف مان ئي پڙهيس ۽ ڪڙهيس.“

صبح جي سج جيان اڀريو ۽ پنهنجين لکڻين سان ڀرپور روشني پکيڙي هاڻي هو لهندڙ سج جان آهستي آهستي پنهنجي منزل ڏانهن وڌي رهيو آهي.

خشونت سنگهہ تعليمي ميدان ۾ ڪا خاص لياقت نہ ڏيکاري. جو تہ پڙهائي ۾ سندس دل ئي نہ لڳي، شايد اهو ئي سبب هو جو هن ٽرڊ ڪلاس ۾ بي اي پاس ڪئي.

گورنمينٽ ڪاليج لاهور ۽ ڪي سنگهہ اسٽيفن ڪاليج ۾ بہ پڙهائي بجاءِ اتي پنهنجي ڪاليجي ساٿين تي ٽوڪون ڪرڻ، ڪارٽون ٺاهڻ ۽ چرچا ڪرڻ سندس خاص وندر هئي ۽ پنهنجي ان زندهہ دلي ۽ موجي طبيعت ڪري ئي هو، ان وقت بہ ٻين گهڻن پڙهيلن کان وڌيڪ سڃاتو ويندو هو. هن پنهنجن ٽوڪن، چرچن ۽ مزاح جو بهترين مظاهرو ڪاليج جي سالياني ڊبيٽ ۾ ڪيو. جنهن تي هن کي پهريون انعام ڏنو ويو هو. هن پنهنجي تقرير ۾ ايترا تہ لطيفا ٻڌايا جو اهي نہ رڳو ماڻهن جي ڌيان ڇڪائڻ ۾ ڪامياب ٿيا، پر ائين ئي هو سيني جي

تاريخ پڻ لکي جا ٻن جلدن ۾ شايع ٿي.

پاڪستاني اخبار "ڊان" ۾ هفتيوار ڪالم لکڻ ڪري هو هتان جي ماڻهن کي به پنهنجو پيو لڳندو آهي. پر هندي پريس ڪيس "هندستان جو گندو ماڻهو سڏيندي آهي ۽ خشونت وري کي "گٽر پريس" چوندو آهي. پر اها به حيرت جهڙي ڳالهه ليکبي ته ان گٽر پريس ئي خشونت کي شهرت جا ڪليل آسمان ڏنا.

"انڊيا ٽوڊي" وسيلي هو ان پريس ۾ داخل ٿيو ۽ پوءِ 1939ع ۾ هفتيوار "انڊيا ٽو ڊي" جو ايڊيٽر ٿيو ۽ ان سلسلي ۾ ڪيس دهلي مان لڏي بمبئي اچڻو پيو. هن پنهنجين لکڻين سان رسالي جي سرڪيوليشن 40000 هزارن مان وڌائي 410000 هزارن تائين پهچائي. سندس صحافتي خدمتن تي ڪيس "پدما ڀشن" ايوارڊ ڏنو ويو.

سندس هن ڪتاب بابت چوڻ هو ته "هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ سان ڪيترائي ماڻهو مون تي ڪاوڙيا آهن. جنهن ۾ گهڻن جي ئي ڪل لاٿي وئي آهي. ڪيترن جا جنسي راز پڌرا ڪيا ويا آهن هن وقت خشونت سنگهه پنهنجي آٽوبائيو گرافي تي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ سندس ويجها ساٿي ڪانئس ويتر وڌيڪ ڇرڪي رهيا آهن جو متان اچي ڪالر پويان لڪل سندن شخصيت، ان آتم ڪٿا ۾ اگهاڙي نه ٿي پئي.

رفيق ملاح

نماز پڙهندي هئي ۽ ڏٺيءِ کان دعا پنندي هئي ته "هو هاڻ جلدي پاڻ ڏي گهرائي."

هوءَ مون کي ان درگاهه تي وٺي وئي، جتي سندس ماءُ پيءُ ۽ ڀينرون پوريل هيون. هن پنهنجي قبر پڻ بک ڪرائي ڇڏي هئي،

"مون پندرهن سال پهرين 1500 رپيه ڏنا ها." هن ٻڌايو

"تون پنهنجي قبر ڪپائي پئسا ڇو نه ٿي ڪمائين؟" مون هن کي خوش ڪرڻ جي خيال کان چيو.

"مون کي قبر تي لوڻ ڇنٽو آهي." هن ٻڌايو "اِها هڪ حيدرآبادي رسم آهي." "هتي منهنجي پرسان الائي ڪير دفنايو ويندو." هن جي آخري لفظن اکين ۾ پاڻي آڻي ڇڏيو. "منهنجو توکان سواءِ هن دنيا ۾ ڪير به ڪونهي."

"فريسه پنهنجي ڪتنب ۾ گم ٿي وئي آهي، جنهن شماهي کو خط لکي ونندي آهي. منهنجا سمورا مٽ مائٽ، ابو امڙ ۽ ڀينر وفات ڪري ويون آهن. منٺڙو رب نجاڻان ڇو! الائي منهنجون دعائون نه ٿو ٻڌي ۽ پاڻ وٽ گهرائي، مان وڏيڪ رهڻ نٿي چاهيان.

رهي سگهي ٿي ۽ هميشہ لاءِ منهنجي زندگيءَ مان نڪري وئي آهي.
مان ڪامنا لاءِ پنهنجي پيار کي بيان نٿو ڪري سگهان. جو تہ اهو سندس جسماني موجودگيءَ کان وڌيڪ اونهو آهي. هوءَ ڏين واري آهي، نہ ڪي وٺڻ واري. جيڪو ڪجهہ مون کيس ڏنو (يا هن زوريءَ مون کان ورتو) اهو هوءَ منهنجي زال، ڌيءَ ۽ پوٽيءَ کي سوکڙين جي صورت ۾ ٻيٽو موٽائي ڏيندي هئي. منهنجي زال کي جا شيءِ کپندي هئي، هوءَ ڪندي هئي.
پر سڀ کان وڏي ڳالهہ اها هئي تہ هن کي مون تي وڏو ويساهہ ۽ ڀروسو هو، جنهن مون ۾ هن لاءِ پيار اُڀاريو. مون کي انهيءَ ڏينهن جو اوسيئڙو آهي، جڏهن مائيڪل کي کنهن ٻئي ملڪ بدلي ڪيو ويندو.
۽ ڪامنا کان سواءِ دهلي ساڳي نہ رهي هئي.

گذريل سال پريما هگن بوٿمس جي نوڪريءَ مان استعفو ڏئي آمريڪا هلي وئي، هاڻي ايندڙ پنجن سالن تائين ڪيس ڏسڻ جو گهٽ چانس آهي. هن جا خط ٻنهي ٽن مهينن ۾ ايندا رهيا. جيڪي هوءَ ايئر ليٽر فارمز تي لکندي هئي. هوءَ اچا تائين اسان ڏي سوکڙيون موڪليندي رهندي آهي. پر مان سمجهان ٿو ته هاڻي اهي به گهٽ ٿينديون وينديون.

ڇهن سالن ۾ پريما کي آمريڪي شهريت ملي ويندي. مان هڪ ٻي، ٻه سئو سيڪڙو سچي پڪي تامل برهمڻياڻيءَ جي باري ۾ ٿو سمجهان ته هوءَ آمريڪيءَ زندگيءَ جي وهنوار ۾ شانتيءَ سان به رهي سگهندي. هوءَ منهنجي زندگيءَ ۾ اچڻ واري هڪ تمام مختلف عورت هئي ۽ تمام گهڻو پيار ڪرڻ جهڙي پڻ.

جي چنڊچاڻ ٿيڻ گهرجي، جن سبب هن جي ڌيءَ جو اوچتو موت ٿيو. مان ٻه انهن مان هڪ هيس جيڪو سمجهي پيو تہ امرتا جي موت جو ڪو خاص ڪارڻ ضرور آهي. اهو قتل تہ نہ هو پر ان ڪي شايد غفلت ضرور چئي سگهجي ٿو. مون ڊاڪٽر رگهبير سنگهہ کان تفصيل معلوم ڪيا. جيڪو اسان جو فيملي ڊاڪٽر ۽ آخري شخص هو جنهن امرتا کي جيئرو ڏٺو. هن مون کي ٻڌايو تہ هن کي اڌ رات جو گهرايو ويو. شايد جڏي طريقي سان ٻار ڪيرائڻ سبب هن جي پيٽ جو پردو ڦاٽي پيو ۽ تمام گهڻو رت وهي ويس. هن جي مڙس ڊاڪٽر رگهبير سنگهہ کي چيو تہ هن کي ٻئي جو رت ڏنو وڃي. پر ڊاڪٽر مريض جي مڪمل چڪاس کان سواءِ ائين ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جڏهن ٻہ ڊاڪٽر انهيءَ ڏس ۾ هڪ ٻئي سان بحث ڪري رهيا هئا تہ امرتا خاموشيءَ سان زندگيءَ جي پڃري مان آزاد ٿي وئي. اهڙيءَ ريت هن جي شهرت اجا بہ سگهاري ٿي وئي.

ڇوڪريءَ مون کان پڇيو. "تون اسان جي گهر ڇو نٿو اچين؟" مون ڪاوڙ مان چيو: "ڇاڪاڻ ته مون کي تنهنجي هن ڪميني دوست کڏهن به نه ڇيو آهي." ڇيتن معاملي کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ چيو "سردار تون مون سان ڏاڍو ڪاوڙيل آهين، تون کڏهن ٿو اچين؟"

مون بنا ڪنهن رک رکاءَ جي وڏي واڪي چيومانس: "تون بي شرم مطلبي آهين. توکي ته ايترو به خيال نه هو ته تون مون وٽ ايترا مهينا مهمان رهيو آهين ته توري ئي ڪٿي مهمان نوازي ڪرين ها."

ماڻهن کي ڪيترن ئي قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. ڏيندڙ، وٺندڙ، چوسيندڙ ۽ مفت خورن، ڇيتن آنند منهنجي زندگيءَ ۾ سڀ کان وڏيڪ وٺندڙ ۽ مفت خور هيو.

# رميش چندر

**مان ڪيس پنجاهه سالن کان به وڌيڪ عرصي کان سڃاڻان، پر پوءِ به اهڙين تو محسوس ٿئي ٿو ته مان هن کي رتي ڀر به سمجهي نه سگهيو.**

مون رميش چندر يا چارلس تي ڪهاڻي لکي، جيڻن ڪيس لاهور جي گورنمنٽ ڪاليج ۾ چارلس چوندا هياسين. اها ڪهاڻي منهنجي ڪهاڻين جي پهرين مجموعي "وشنوءَ جا نشان" ۾ "پوپٽ" جي عنوان سان شامل هئي، جنهن ۾ مون خول ۾ بند جيت کان وٺي مڪمل پوپٽ ٿيڻ تائين سندس شخصيت جون تبديليون ڏيکاريون آهن. هو ڏاڍو تکو ٿي ويو ۽ مون کي ڪورٽ ۾ ڪيس جي ڌمڪي ڏني. مون هن کي عجيب قسم جو هيرو ڪري پيش ڪيو، جيڪو هو بلڪل به نه هو.

چارلس شملا جي وڏي اينگلو انڊين اداري بشپ ڪاٽن اسڪول مان گورنمنٽ ڪاليج آيو هوو. هو سٺا ڪپڙا پهريل ننڍو شاگرد هو جيڪو گهڻي ڀاڱي برائون صاحب لڳي رهيو هو. هن جو قد پنج فٽ چار انچ هو. هو پن جي ٽهيل ٽوپي پائيندو هو، جنهن جي هڪ پاسي کان هڪ ڏکو رنگارنگي کنڀ هوندو هو. سندس ڪاڏيءَ هيٺان هڪ رومال ٻڌل هوندو هو. جنهن کي هو اينگلو ڇوڪرن جي انداز سان پهريندو هو. هن جي ڳالهائڻ جو طريقو به اينگلو ڇوڪرن وانگر "يپس مر، نو مر" وارو هوندو هيو. هو اسان مقامين کي ليکيندو ئي نه هو ۽ گورنمنٽ ڪاليج ۾ آيل اينگلو انڊين ڇوڪرن سان دوستي رکڻ پسند ڪندو هو. هن لاهور ۾ سندن سماجي گروهه ۾ شامل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪو ريلوي ڪالونيءَ جي چوڌاري آباد هيو.

هن کي جلد ئي خبر پئجي وئي ته هن وٽ سواءِ زبان جي ٻي ڪا اهليت ڪانهي. ڪيس آڏر ڀاءُ ئي نه ڪيو ويو. هن وٽ ٻيو ڪو رستو نه هيو. تنهن ڪري مقامين سان دوستيءَ لاءِ واجهائڻو پيس، جيڪي هن جي انوکي ٻولي ڳالهائڻ چاهيندا هئا. مان به انهن مان هڪ هيس. پهريان هو چارلس يا چارلي چورائڻ پسند ڪندو هيو، پر پوءِ اينگلو انڊين سرڪل کان ڇڙٻ ملڻ وٺان پوءِ هن پنهنجي انگريزي نالي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن به ڪيس چارلس يا چارلي جي نالي سان تعارف ڪرائبو هو ته هو

# بلونت گارگي

**جڏهن هو مان کان پري ٿيندو آهي ته**

**ائين لڳندو آ، ڄڻ مان مري رهيو آهيان.**

مون کي چڱيءَ پر ياد نه آهي ته مان پهريون ڀيرو بلونت گارگيءَ سان ڪڏهن ۽ ڪٿي مليو هيس. 1940ع کان 1947ع جي وچ واري عرصي دوران لاهور وارن ڏينهن ۾ مان هن سان مليو هيس. مان تڏهن پنجابي ٻولي سکي رهيو هيس. جيڪا مون پنهنجي ڳوٺ هداليءَ مان پڙهڻ شروع ڪئي هئي. مان بس ايتري ئي پنجابي سکڻ پيو چاهيان جو لکي ۽ پڙهي سگهان، ڇو ته منهنجي ماءُ پنجابي کان سواءِ ٻي ٻولي نه ڳالهائي سگهندي هئي، تنهن ڪري مان هن کي هر ڳالهه پنجابيءَ ۾ لکندو هيس. پنجابي ادب جي مون کي ڪا به ڄاڻ نه هوندي هئي، سواءِ ڪجهه مقدس آيتون دعا گهرڻ لاءِ زوريءَ ياد ڪرايون ويون هيون. جڏهن ته انهن جي معنيٰ جي به مون کي ڪا خبر نه هوندي هئي. مان جڏهن انڊيا موٽيس ته مون ڀائي وير سنگهه جي شاعري پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. مون کي هن جا ننڍڙا شعر ٺلهي ليکي سٺا لڳا. پنجابي شاعريءَ ۾ جنگي شاعريءَ جي ڊگهن آزاد نظمن مون کي پاڻ ڏي نه ڇڪيو ڇو ته مون کي پنجابي شاعريءَ ۽ نثر جي ڪا گهڻي ڄاڻ نه هئي. جنهن ڪري مان انهيءَ جوش ۽ جذبي کي سمجهي نه سگهيس. هن جا ناول مشهور نالي واري شخصيت نانڪ سنگهه (۽ يقين ڪريو يا نه ته اهي اڪالي اڳواڻ ماسٽر تارا سنگهه جهڙا هوندا هيا.) پر مون کي اهي ٻئي درجي جا لڳا يقيناً هنن ناولن کان وڌيڪ ٻيا به پنجابي ادب ۾ سٺا ناول موجود هيا.

قانوني ڪم ڪار گهٽ هئڻ ڪري مون قانوني ڪتاب پڙهڻ بجاءِ انگريزي اردو ۽ پنجابي ناول ۽ ڪلاسيڪل شاعر پڙهڻ تي وقت صرف ڪيو. جيستائين پنجابيءَ جو تعلق آهي، مون سڀ کان پهرين موهن سنگهه جي شاعريءَ کان شروعات ڪئي. پوءِ نئين شروع ڪيل سک نيشنل ڪاليج جي پروفيسر کي پڙهيوم هن جي شاعري مون کي ٻين پڙهيل شاعرن کان ڪجهه اڳ ڀري لڳي.

مون ڪيس گهر اچڻ جي دعوت ڏني. پوءِ هو روزاني اچڻ وارو مهمان ٿي ويو. هن مون کي پروفيسر تيجا سنگهه سان تعارف

۵

تہ هو ٿورو مطلبي آهي. پر پوءِ بہ پنهنجي سيني جي پٺ پرمان بلونت ڳارڳيءَ جو ٻاڻ وٽ اچڻ وڃڻ ڏيکاءَ پسند ڪندو آهيان. هو ڪالڪيءَ جو اڌ ڪوپ ضايع ڪندو آهي، جيڪو مان هن کي ڏيندو آهيان، پر جڏهن هو مون کان جدا ٿيندو آهي تہ منهنجو ساهہ پوساٽجڻ لڳندو آهي.

نمائش ۾ ڪرائيندو هيو ۽ سندس شاعريءَ جي مجموعن کي پڌري ڪرڻ ۽ ان ئي فنڪشن ۾ ڪرائيندو هيو.

جڏهن هن ڪليل ڪشادو گهر ورتو ته اتي پنهنجي سالگرهه ۾ پيارڪسان ملهائيندو هيو. شلمپن ۽ اسڪاچ هلندو هيو. وچئين ڇيز تي هن جا البم پيا هوندا هيا. انهن مان هڪ ۾ انهن عورتن جون تصويرون هيون، جن کان هو متاثر هيو يا سائن پيار ڪيو هيائين. اهي تصويرون اندرا گانڌيءَ کان شروع ٿي منهنجي زال تائين ٿينديون ڪملا چوڌري، سيتا شوري، ڪپيلا ويسيان، روميلا ٿاپر، ريبا شوم، سدرا ڪيسٽلين، رونڊي سو ڪولو وسڪي، انگ فشر، ٽريوڊ ۽ ڪيٽرين ٿي پين عورتن جن کي آئون نه سڃاڻيان، تي وڃي ختم ٿينديون هيون.

پين البمن ۾ هن جي تصويرن سان گڏ مشهور ماڻهن جهڙوڪ ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن ۽ ڊائريڪٽر جنرل آف يونيسڪو جا فوٽا هيا. انهن البمن جي پر ۾ بيليئل ڪاليج ميگزين جا تازا پرچا هوندا هيا.

پريم هائي 85 سالن جو ٿي ويو آهي. هڪ دفعي هن هڪ نظم "چار اسڪور ۽ پنج" لکيو هو:

چار اسڪور ۽ پنج
ذهن ۾ آئي تو پياريون يادون
وقت جي وهڪري ۾
ذهن جي شانتي ۽ خوشيءَ پاران
خوشيءَ جي پختي ٿيڻ تي
پيار ۽ روشنيءَ جي آس ڪائڻ کان پوءِ
زندگيءَ جي ويجهو اچي ويس!
چار اسڪور ۽ پنج

هو هڪ پنجابي هو، پر پنجابي ڳالهائڻ کان لنوائيدو هو. هنکي اردو شاعري سان محبت هئي ۽ اقبال کي هڪ ئي ڪلاڪ ۾ پڙهي پورو ڪندو هو.

هو شاعري به ڪندو هو، پر اها صرف هو مردن جي محفل ۾ ئي پڙهي ٻڌائيندو هو. هو عورتن جي صحبت ۾ سنجيده ۽ آڪڙيل ٿي ويهندو هو. هو کائڻ ۽ پيئڻ جي معاملي ۾ ڏاڍو محتاط هوندو هو ۽ ڪا به اهڙي شئي نه پيئندو هو، جنهن ۾ الڪوحل هجي.

سياري جي موسم ۾ هو نارنگيون ۽ مالٽا، هٿن سان ڇلي کائيندو هو ۽ اونهاري ۾ هو ڇهه انب هڪ ويلي تي کائيندو هو. هو تمام گهٽا سگريٽ ڇڪيندو هو. هن جي صرف هڪ ئي ونڊر هئي ۽ اها هئي سينما وڃڻ.

منظور قادر وٽ ڪهڙي شئي عظيم هئي؟ هن وٽ به ڳالهيون هيون ته هو ڪنهن کي به دل ايذائيندڙ ڳالهه نه چوندو هو ۽ نه ئي ڪوڙ ڳالهائيندو هو.

ٿوري ئي وقت ۾ هو اهڙو ته هيرو ٿي ويو، جيڪو هر بري ڀلي جو فيصلو ڪري پئي سگهيو.

اسان اڪثر پنهنجي پاڻ کان پڇندا هئاسين: "ته ڇا منظور اهو سڀ ڪجهه لهي؟"

هو ايمانداري، اخلاق، قابليت ۽ رحمدلي جو سنجوڳ هو ۽ اهي خاصيتون مون اڄ تائين ڪنهن ٻئي انسان ۾ ناهن ڏٺيون.

هئي. گهر ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي ڏاڍيان ڳالهائڻ جي اجازت هوندي هئي ته اهو هو شري رام، باقي ٻيا صرف ڀڻ ڀڻ ئي ڪندا هئا. شري رام جي گهر واري ڪڏهن ڪڏهن جڏهن هوءَ خاندان جي گڏجاڻي ۾ ايندي هئي ته هميشه ميري ساڙهي پائيندي هئي، شايد هن کي نئين ساڙهي ملڻ جي اميد ڪانه هوندي هئي. شري رام پسند ۽ ناپسند جو خاص خيال رکندو هو. جنهن کي هڪ دفعو پسند ڪندو هو، تنهن کي آخر تائين نه ڇڏيندو هو. اهڙو هڪ مثال ڊاڪٽر ڪپور ۽ ان جي زال جو آهي. جيڪي 1947ع ۾ لاهور کان لڏي آيا هئا. مرڻ گهڙي تائين سندس مهمانن ۾ شمار هو. سر شري کي شيلا راڻي سان ايتري محبت هئي جو سندس مڙس بابو رائو پٽيل کي جيڪو مدر انڊيا جو ايڊيٽر هو، پئسا ڏنائين ته جيپ وٺي اليڪشن جي مهم هلائي. هي انهن کي بمبئي ۽ دهلي وچڻ لاءِ جهاز جون ٽڪيٽون به وٺي ڏيندو هو. شري رام کي پنهنجي ننهن شيلا ڏاڍي وڻندي هئي، هوءَ جڏهن به شري رام جا پير ڇهندي هئي ته هو ان کي بنا ڪنهن حجاب جي چپن تي چمي ڏيندو هو. پر پوءِ اچانڪ ڇو هن کي پنهنجي ننهن سان نفرت ٿي وئي. مان جڏهن به هن سان ملندو هئس ته هو گهر جي سامهون واري لان ۾ ويٺو هوندو هو ۽ هو پڇندو هو ته ”ڪو ڪم ڪار به ڪندو آهين يا پيءُ جي ڪمائيءَ تي پيو ٽلين؟“ مان هميشه ان سان ملڻ کان لنوائيندو هئس. ڀارت ۽ شيلا کي چار پٽ هئا ۽ باقي ٻيو سڀ ڪجهه هن وٽ اهڙو هو جيڪو هن ٻنهي جي پسند سان ملي سگهي. ڀارت سخي ۽ دوستن تي پئسا خرچ ڪرڻ کان نه ڪيٻائيندو هو، جڏهن ته شيلا پئسن جو خيال ڪندڙ هئي، تنهن ڪري پنهنجي مڙس جي خرچائو طبيعت تي ڪاوڙ ڪندي هئي. شيلا پنڊت روي شنڪر وٽان ستار وڄائڻ سکي ۽ هن جو وڏو پٽ وني، ڪلاسيڪل هندي موسيقي ۾ مشهور ڳائڻو ٿي ويو هو. ڀارت پنهنجي زال ۽ پٽ جي تعريف ڪندو هو، پر هن انهن ٻنهي کي اڳتي وڌائڻ ۾ ڪا به مدد نه ڪئي.

ڀارت ٻاهر ايندڙ ويندڙ هو، خاص ڪري هو سهڻين عورتن ۽ دوستن وٽ ويندو هو. شيلا جدا ٿيڻ کان پوءِ ڀارت تي ٻين عورتن ڏانهن متوجهه ٿيڻ جو الزام هنيو. جدائيءَ کان پوءِ ڀارت گولف کيڏڻ شروع ڪيو ۽ گهڻو وقت خوبصورت ۽ ساوڻ باغن ۾ گذاريندو هو. هو بهترين گولف جو رانديگر ثابت ٿيو ۽ دهلي گولف ڪلب ۾ پيٽرن ان چيف مقرر ٿيو. هن کي پيئڻ پسند هو ۽ سگريٽ نوشي به ڪندو هو، ڏينهن ۾ تقريبن 80 سگريٽ پيئندو هو. اهي ٻئي پري ٿي ويا هئا ڇو ته شيلا، راڌا سوامي ٿي وئي ۽ هن ڪيترائي مهينا بينر آشرم ۾ گذاريا. هڪ دفعي شيلا ۽ ڀارت اسان وٽ پئرس ۾ رهڻ لاءِ آيا هئا، جتي مان يونيسڪو ۾ ڪم ڪندو هئس ۽ منهنجو بورگ لارين ۾ ننڍڙو گهر هو. ان ۾ هڪ ننڍڙو واڌو سمهڻ وارو ڪمرو موجود هو، جنهن ۾ هڪ انگريز نوڪرياڻي رهندي هئي، شيلا ماسڪو کان آئي هئي، جتي هوءَ عورتن جي وفد سان وئي هئي. ڀارت وري انگلينڊ ۾ ڪنهن گولف جي دوري لاءِ ويو هو. اهي اسان وٽ پئرس آيا ۽ پوءِ دهلي موٽيا. مون انهن کي ڏاڍو سمجهايو ته اهي اسان سان رهڻ بجاءِ هوٽل ۾ آرام سان رهن، پر شيلا ٻڌي ئي نه. هن اتان مون ڏي لکيو ”هوٽلن ۾ رهي مان ٿڪجي پئي آهيان، مان توسان رهندس، پوءِ ڪٿي مان تنهنجي گهر جا ٿانو ۽ فرش ڌوئيندس“ مان هن کي ايئرپورٽ تي وٺڻ لاءِ ويس ۽ هن کي گهر وٺي آيس. ڀارت کي به شام جو اچڻو

هئاسين تہ هن اسان کان پڇيو تہ "اسان جا هاڻي الائي ڪيترا ڏينهن رهجي ويا آهن؟" منهنجي زال جواب ڏنس "ٻارڙ اسان هتي ٻہ هٿ ڏئي هلنداسين." انهيءَ ڳالهہ تي هو ڏاڍو خوش ٿيو. "ٻيڪي ڳالهہ" هن پنهنجو هٿ رکندي چيو. اسان هفتي ۾ هڪ دفعو پنهنجي هن جي گهر ۾ ملڻ جو واعدو ڪيو ۽ اهو ڪيترا مهينا هليو.

نتو ڏي. منهنجي ڏيءَ ستيندر جي پيٺي اندر ملهوترا کي فون ڪئي، جيڪو پوليس ورتيون آيو ۽ دروازو پڃيائون. ستيندر پنهنجي هنڌ تي مئل حالت ۾ پيو هو ۽ هنڌ جي هيٺان هن جي رم جي اڌ خالي بوتل پئي هئي.

ستيندرا انهيءَ چوٽي تي پورو بيٺو تہ ماٺهو زندگيءَ کان وڏو آهي. هو هليو تہ ويو پر منهنجي زندگيءَ ۾ اڌي سانت ڇڏي ويو.

